Website: dailysukaarkarachi.com
سائينس سدائين ڪرين متي سنڌ سُڪار (شاهه)
ABC CERTIFIED
رجسٽرڊ نمبر SS-1245
DAILY SUKAAR KARACHI
روزاني سُڪار ڪراچي
چيف ايڊيٽر: شفيق احمد پيرزادو
جلد (20) | چنڇر 03 مئي 2025ع بمطابق 05 ذوالقعد 1446 هجري (شمارو نمبر 55) قيمت 10 رپيا

آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ ڀارت جي جارحاڻي رويي ۽ والاريل ڪشمير ۾ قابض فوج جي ظلمن تي ڳڻتي جو اظهار، سالميت برقرار رکڻ جو عزم

# ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس: ڀارت پاران جنگ مڙهڻ جي ڪنهن به ڪوشش جو فيصلائتو جواب ڏيڻ جو فيصلو

فورم ڀارت جي ڪنهن به جارحاڻي ڪارروائي يا مهم جوئي جي صورت ۾ ملڪ جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ بابت پنهنجي اٽل عزم ورجايو: آءِ ايس پي آر

پاڪ فوج پنهنجي عوام سان گڏ بيٺي آهي ۽ ملڪ جي دفاع لاءِ مڪمل تيار آهي: آرمي چيف پاران پاڪ فوج جي پيشيوراڻين صلاحيتن، ثابت قدم حوصلي ۽ آپريشنل تيارين جي واکاڻ

ڪانفرنس جي شرڪت ڪندڙن ڀارتي فوج ۽ انٽيليجنس ادارن جي پاڪستان اندر دهشتگردي جي واقعن ۾ سڌي ريت ملوث هجڻ بابت ترديد نه ڪرڻ جوڳن ثبوتن تي پڻ ڳڻتي جو اظهار

ڀارت پنهنجي سياسي ۽ فوجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻمرادو بحرانن جي رٿابندي ڪري ٿو جيئن 2019ع ۾ والاريل ڪشمير ۾ آرٽيڪل 370 جي خاتمي لاءِ پلوامه جو ڊرامو رچايو ويو

پاڪستان جي ترقي ۽ امن جو سفر ڪنهن به ڌمڪي، جبر يا پراڪسي جي مدد سان روڪي نه ٿو سگهجي، پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي ارادو مستقل لاءِ سٺو سنئون ناهي: شرڪت ڪندڙ

راولپنڊي (بيورو رپورٽ) آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ ڀارت جي جارحاڻي رويي ۽ والاريل ڪشمير ۾ قابض فوج جي ظلمن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي پاڪستان جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت برقرار رکڻ جو عزم ورجايو ويو ۽ چيو ته جنگ مڙهڻ جي ڪنهن به ڪوشش جو فيصلائتو جواب ڏنو ويندو/ ڏسو صفحو 2 بقايا 01



راولپنڊي: صدر آصف علي زرداري ڪور ڪمانڊر جي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

## پاڪستاني سفير جي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس سان ملاقات

واشنگٽن (م ر) گڏيل قومن ۾ پاڪستان/ ڏسو صفحو 2 بقايا 03

## پهلگام واقعي جي انڊري جاچ جي لاءِ تيار آهيون: راڻا ثناءُالله

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم جي سياسي/ ڏسو صفحو 2 بقايا 34

# پاڪستان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي تي ڀارت کي نوٽيس ڏيڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو

ڀارت طرفان معاهدي جي معطلي جي ردعمل طور هنگامي قانوني ۽ آئيني مشاورت جاري آهي، ان حوالي سان ابتدائي هوم ورڪ مڪمل ڪيو ويو

پرڏيهي، آبي وسيلن ۽ قانون وارين وزارتن جي وچ ۾ صلاح مشورا ٿي چڪا، ڪجھ ڏينهن ۾ ڀارت کي سفارتي ذريعن وسيلي نوٽيس موڪليو ويندو

ڀارت جي آبي جارحيت خلاف عالمي فورمن تي به ڀرپور احتجاج داخل ڪرائڻ تي غور ڪيو پيو وڃي ۽ دنيا آڏو ڀارت جي روش کي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو

سنڌ طاس معاهدي تي قانوني حيثيت ۾ پاڪستان کي سرسي حاصل آهي ۽ اميد آهي ته ڀارت کي جلد پنهنجو فيصلو واپس وٺڻو پوندو

سمورا قدم حڪومت ۽ ڪابينا جي منظوري ڪانپوءِ کنيا ويندا، نوٽيس ۾ ڀارت کان معاهدي جي هڪ طرفي معطلي جا واضح ۽ قانوني سبب پڇيا ويندا: انڊس ڪميشن جي ذريعن

ياد رهي ته پهلگام واقعي کان پوءِ ڀارت بنا ڪنهن ثبوت جي پاڪستان تي الزام لڳائيندي سنڌ طاس معاهدو معطل ڪري ڇڏيو هو ۽ هن وقت جنگ ڪرڻ جا سانباها پيو ڪري

لاهور (م ر) پاڪستان ڀارت جي طرفان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي تي باضابطا طور نوٽيس ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب، ڀارت طرفان معاهدي جي معطلي جي ردعمل طور هنگامي قانوني ۽ آئيني مشاورت جاري آهي، جڏهن ته ان حوالي سان ابتدائي هوم ورڪ مڪمل ڪيو ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پرڏيهي، آبي وسيلن ۽ قانون وارين/ ڏسو صفحو 2 بقايا 02

# پاڪستان پاران جاچ لاءِ گڏيل قومن جي ڪميشن ٺاهڻ جي آڇ

معاملي تي يا ته 2، 3 ملڪ گڏجي جاچ ڪن يا پوءِ گڏيل قومن جو ڪميشن ٺاهيو وڃي: خواجه آصف

ڳالهين جي امڪان کي ڪنهن به حالتن ۾ رد قرار نٿو ڏئي سگهجي، ڇڪتاڻ جيتي به هجي ڳالهين جو رستو کليل هوندو آهي

معاملو ڳالهين سان حل ٿيڻ گهرجي، آمريڪا، روس، چين، ترڪيه، ايران يا ڪو به ملڪ انهي جاچ جي شروعات ڪري

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان پهلگام واقعي جي جاچ لاءِ گڏيل قومن جو ڪميشن ٺاهڻ جي آڇ ڪري ڇڏي آهي. نجي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهيون ڪندي دفاع واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف اڳ ئي ڀارت کي جاچ جي آڇ ڪري چڪو آهي. انهي معاملي تي يا ته 2 / ڏسو صفحو 2 بقايا 31

## ٽرمپ قومي سلامتي بابت صلاحڪار کي عهدي تان هٽائي ڇڏيو

مائيڪ والٽز کي عهدي تان هٽائي گڏيل قومن ۾ آمريڪا جو سفير مقرر ڪيو ويو

عارضي طور پرڏيهي وزير مارڪو روبيو قومي سلامتي جي صلاحڪار جي واڳ ڄارج سنڀاليندو

واشنگٽن (م ر) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ قومي سلامتي بابت صلاحڪار مائيڪ والٽز کي عهدي تان هٽائي گڏيل قومن ۾ / ڏسو صفحو 2 بقايا 33



اسلام آباد: وفاقي وزير عطا تارڙ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

# ڀارتي حملي جو خطرو اڃا به موجود آهي: عطا تارڙ

پاڪستان وٽ ڀارت طرفان حملي بابت تصديقي ۽ اعتماد جوڳيون انٽيليجنس رپورٽون موجود هيون

اهي وقت سر عالمي برادري سان شيئر ڪيون ويون ۽ اهڙن قدمن سان خطي ۾ امن قائم رکڻ ۾ مدد ملي

ڀارت طرفان پاڪستان تي حملي جي امڪان بابت ڄاڻ ملڻ بعد عالمي سطح تي ترت آگاهي ڏني وئي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سڏ سماءَ واري وفاقي وزير عطا تارڙ چيو آهي ته پاڪستان وٽ ڀارت طرفان حملي بابت تصديقي ۽ اعتماد جوڳيون انٽيليجنس رپورٽون موجود هيون، جيڪي وقت سر عالمي برادري سان شيئر ڪيون ويون ۽ اهڙن قدمن سان خطي ۾ امن قائم رکڻ ۾ مدد ملي. آمريڪي ميڊيا کي ڏنل هڪ انٽرويو / ڏسو صفحو 2 بقايا 33

## بلوچستان ۾ رتوڇاڻ هجي ۽ ملڪي معاملا ٺيڪ هجن اهو ممڪن ناهي: شاهد خاقان

بلوچستان ورهين کان سانحن جو شڪار آهي، سوچڻ جي ضرورت آهي ته بلوچستان ۾ اهي مسئلا ڇو موجود آهن

اهو ممڪن ناهي ته پاڪستان امير رهي ۽ بلوچستان غريب رهي، بلوچستان امير ترين صوبو هجڻ گهرجي

دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻ ضروري آهي پر اسان کي ان جي پاڙ تائين وڃڻو پوندو ته اهي مسئلا ڇو پيدا ٿيا

ڪوئيٽا (م ر) اڳوڻي وزيراعظم ۽ عوام پاڪستان پارٽي جي سربراهه شاهد خاقان عباسي چيو ته ملڪ سياسي ڏڪيڙ ختم ٿيڻ تائين اڳتي نه وڌندو. ڪوئيٽا ۾ ميڊيا / ڏسو صفحو 2 بقايا 26

## ايران ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر اعليٰ سطحي شروع

سعودي بچاءَ واري وزير خالد بن سلمان جي ايران جي سپريم اڳواڻ آيت الله خامنه اي وچ ۾ ملاقات

سعودي عرب سان دوستي اسلامي دنيا جي مفاد ۾ آهي: ايراني قيادت

ايران پاران سعودي عرب، قطر ۽ اومان سان لاڳاپا بهتر ڪرڻ جو عزم اظهار

رياض (م ر) ايران ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر اعليٰ سطحي رابطا ٿيا آهن. هي رابطو هڪ نئين طرز طرف ڏانهن / ڏسو صفحو 2 بقايا 04

# وزيراعظم ۽ سعودي سفير وچ ۾ ملاقات، امن لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق

پاڪستان جي ڪاميابين کي خطري ۾ وجهڻ ۽ اقتصادي ترقي روڪڻ جون ڀارتي ڪوششون ناڪام ٿينديون: وزيراعظم

سعودي عرب خطي ۾ امن، سلامتي جي لاءِ پاڪستان سان گڏجي ڪم ڪرڻ چاهي ٿو: سفير نواف بن سعيد المالڪي

وزيراعظم پاران حرمين شريفين جي متولي شاهه سلمان بن عبدالعزيز آل سعود ولي عهد ۽ وزيراعظم لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف سان سعودي سفير نواف بن سعيد المالڪي ملاقات ڪئي ۽ چيو ته سعودي / ڏسو صفحو 2 بقايا 05

## ڀارتي حملي جو امڪان، آزاد ڪشمير ۾ مدرسا بند، سياحن جي اچ وڃ تي پابندي

مظفرآباد (م ر) آزاد ڪشمير جي حڪومتي/ ڏسو صفحو 2 بقايا 06

## لاهور ۾ تيز هوائون ۽ برسات، فيڊر ٽرپ، ڪيترائي مضافاتي علائقا اونداهي ۾ ٻڏي ويا

لاهور (بيورو رپورٽ) لاهور سميت پنجاب/ ڏسو صفحو 2 بقايا 25



اسلام آباد: سعودي جو سفير وزيراعظم سان ملاقات ڪري آهيو



وڳڻ اڳوڻو وزيراعظم شاهد خاقان عباسي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

# ميڊيا جي آزادي، عوام جو آواز ئي اسان جو مشن آهي: شرجيل

پيپلز پارٽي سدائين اظهارِ راءِ جي آزادي ۽ جمهوري قدرن جي بقا لاءِ آواز اٿاريندي رهي آهي

سنڌ سرڪار، بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري جي قيادت ۾ صحافين جي حقن لاءِ عملي قدم کنيا

اڄ اسان انهن سڀني صحافين کي ڀيٽا پيش ڪريون ٿا جن حق ۽ سچائي لاءِ پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اظهارِ راءِ جي آزادي ۽ آزاد صحافت جمهوريت جا اهم ٿنڀ آهن. پاڪستان پيپلز پارٽي سدائين اظهارِ راءِ جي آزادي ۽ جمهوري / ڏسو صفحو 2 بقايا 27

# ڪي پي ٽي مهاڻن جي قديم وسندين سميت 19 ڳوٺ خالي ڪرائڻ جو نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو

ڪي پي ٽي پاران قديم مهاڻن جي آبادين سميت 19 ڳوٺن جي رهواسين کي گهر خالي ڪرڻ جا نوٽيس جاري ڪيا ويا، تحت علائقي واسين ترت جلد جاءِ ڇڏڻ جو حڪم

اختيارين پبلڪ نوٽيس جاري ڪندي هجرت ڪالوني، سلطان آباد، اين ٽي آر ڇانڻا ڪريڪس ۽ گلشن ڪالوني سميت سڪندر آباد، ڊلڪس ڪالوني خالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو

صالح آباد، يونس آباد، نيو يونس آباد، ڪريڪس وليج، ڪلڪا پيرو ۽ پڊ وليج سميت مهاڻن جي ٻين قديم آبادين کي به گهر خالي ڪرڻ جا نوٽيس جاري ڪيا ويا

مجيد ڪالوني، انٽيليجنس ڪالوني، سستي بستي، مڇر ڪالوني ۽ محملي ڪالوني جي رهواسين کي نوٽيس موڪليا ويا، ڇاڪاڻ ته زمينون پورٽ جي ملڪيت قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پورٽ ٽرسٽ (ڪي پي ٽي) پاران قديم مهاڻن جي آبادين سميت 19 ڳوٺن جي رهواسين کي گهر خالي ڪرڻ جا نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن، جنهن تحت علائقي واسين ترت جلد جاءِ ڇڏڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. ڪي پي ٽي اختيارين طرفان پبلڪ / ڏسو صفحو 2 بقايا 07

# ڀارت آءِ ايم ايف کي پاڪستان کي ڏنل قرض حوالي سان جائزو وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ڀارت عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) کان مطالبو ڪيو آهي ته پاڪستان کي ڏنل قرض ۽ مالي امداد جو نئين سر جائزو ورتو وڃي

ڀارت آءِ ايم ايف کي اهڙو باضابطا مطالبو ڪيو آهي پر ان بابت وڌيڪ تفصيل ناهن ڄاڻايا ويا: ڀارتي حڪومت جي هڪ سينيئر عهديدار پرڏيهي خبرو اداري سان ڳالهائيندي تصديق ڪري ڇڏي

آءِ ايم ايف پروگرام صحيح رخ ۾ اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ ان جو تازو جائزو به ڪاميابي سان مڪمل ٿيو آهي: پاڪستان جي ناڻي واري وزارت جو صلاحڪار خرم شهزاد

ياد رهي ته پاڪستان گذريل سال آءِ ايم ايف کان 7 ارب ڊالر جو بيل آئوٽ پئڪيج حاصل ڪيو هو، مارچ 2025 ۾ پاڪستان کي 1.3 ارب ڊالر جو ڪلائيميٽ ريسيلائنس لون پڻ ڏنو هو

نئين دهلي/اسلام آباد (بيورو رپورٽ / مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڀارت عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) کان مطالبو ڪيو آهي ته پاڪستان کي ڏنل قرض ۽ مالي امداد جو نئين سر جائزو ورتو وڃي. ڀارتي حڪومت جي هڪ سينيئر عهديدار پرڏيهي خبرو اداري سان ڳالهائيندي تصديق / ڏسو صفحو 2 بقايا 28

## اميد آهي ته پاڪستان پهلگام واقعي جي جاچ ۾ سهڪار ڪندو: آمريڪا

ڀارت کي گهرجي ته هو پهلگام واقعي تي اهڙي طريقي سان ردعمل ڏئي جنهن سان علائقائي تڪرار نه وڌي

پاڪستان ذميوار ملڪ آهي، اهو جاچ ۾ سهڪار ڪري دهشتگرد کي گرفتار ڪري قانوني ڪارروائي به ڪندو

ياد رهي ته پاڪستان، پهلگام واقعي جي جاچ لاءِ گڏيل قومن جي نگراني هيٺ ڪميشن قائم ڪرڻ جي آڇ ڪئي هئي

واشنگٽن (م ر) آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس چيو آهي ته پاڪستان هڪ ذميوار ملڪ آهي ۽ آمريڪا کي اميد آهي ته هو پهلگام واقعي جي جاچ ۾ ڀرپور سهڪار ڪندو. پرڏيهي خبرو اداري / ڏسو صفحو 2 بقايا 29



اسلام آباد: ناڻي واري وزارت جو صلاحڪار خرم شهزاد صحافين سان ڳالهائيندي

# پي ٽي آءِ 26 نومبر احتجاج ڪيس، 82 جوابدارن ڏوهه قبولي ورتو

راولپنڊي جي عدالت پي ٽي آءِ جي احتجاج واري ڪيس ۾ 82 جوابدارن ڏوهه جو اعتراف ڪري ڇڏيو

پي ٽي آءِ ڪارڪنن خلاف 24 ۽ 26 نومبر 2024ع دوران احتجاج تي 24 ڪيس داخل ڪيا ويا

قيادت پرتشدد احتجاج جو ٽاسڪ ڏنو، پورهيت آهيون، رعايت ڏني وڃي: جوابدار اپيل ڪري ڇڏي

راولپنڊي (م ر) راولپنڊي جي دهشتگردي توڙ عدالت ۾ 26 نومبر 2024ع جي پي ٽي آءِ جي احتجاج واري ڪيس ۾ 82 جوابدارن ڏوهه جو اعتراف ڪري ورتو. پي ٽي آءِ ڪارڪنن خلاف 24 ۽ 26 نومبر / ڏسو صفحو 2 بقايا 08

# عالمي پليٽ فارمن تي ڀارتي چينل ۽ يو آر ايلز بلاڪ

آرمي چيف بين الاقوامي معاهدن ڪانسواءِ ڀارتي چينلن ۽ يو آر ايلز انٽرنيشنل پليٽ فارمز تي بلاڪ ڪرائي ڇڏيا

پاڪستان ڀارت کي هر محاذ تي منهن ٽوڙ جواب ڏيندو، ڀارتي لنڪس عالمي سطح تي بند ٿيندي پيون وڃن

جيڪو ڪم ڪو نه ڪري سگهيو اهو آرمي چيف جنرل عاصم منير ڪري ڏيکاريو آهي: فيصل واوڊا

اسلام آباد (م ر) سينيٽر فيصل واوڊا چيو آهي ته / ڏسو صفحو 2 بقايا 17

## پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ تي اجلاس ڪوٺائبو: گڏيل قومن

صورتحال بابت جلد ئي 15 رڪني ڪائونسل جو اجلاس طلب ڪيو ويندو

ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ جون ڪوششون مددگار ثابت ٿينديون: سلامتي ڪائونسل

نيويارڪ (م ر) گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي صدر ايون گيلاس اسڪيرس چيو آهي ته پاڪستان ۽ ڀارت جي صورتحال /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

## ڀارت بغير ڪنهن ثبوت جي پاڪستان تي الزام لڳايا: شيري رحمان

ڀارت هر روز جنگ جو ڊرم وڄائي رهيو آهي ۽ ڀارتي اڳواڻ پاڪستان خلاف ڳالهائين

ڀارت پنهنجي بيانيي کي زهر آلود ڪيو وقت گذرڻ سان گڏ سندس بيانيو ڪمزور پيو ٿئي

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

## ڪراچي بندرگاهه تي آپريشن، وڏي انگ ۾ گڏهن جون کلون هٿ

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) فيڊرل بورڊ آف روينيو /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

## قومي اتحاد ۽ يڪجهتي لاءِ پارليامينٽ جو ڪردار تعريف جوڳو آهي: نواز شريف

پارليامينٽيرينز جي انهي ڪردار سان قومي يڪجهتي کي هٿي ملندي: اڳوڻو وزيراعظم

ملڪي دفاع جي عظيم مقصد جي لاءِ هر طرح جي اختلافن کي سائيڊ ۾ رکڻ سٺي روايت آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي صدر ۽ اڳوڻي وزيراعظم محمد نواز شريف چيو آهي ته ملڪي دفاع //ڏسو صفحو 2 بقايا 20

# پاڪ فوج پاران جنگي مشقن جو سلسلو جاري

پهلگام فالس فليگ واقعي جي تناظر ۾ جنگي مشقن دوران جديد هٿيارن سان آپريشنل تياري جو جائزو ورتو ويو

پاڪ فوج پاران پهلگام فالس فليگ واقعي جي تناظر ۾ مشقن جو مقصد دشمن جي اڳرائي جو اثرائتو جواب ڏيڻ آهي

مشقون ملڪ جي دفاع کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ سيڪيورٽي کي هٿي ڏيڻ لاءِ اهم آهن: سيڪيورٽي ذريعا

راولپنڊي (م ر) پاڪ فوج پاران پهلگام فالس فليگ واقعي جي تناظر ۾ جنگي مشقن جو سلسلو جاري آهي، جن جو مقصد دشمن جي ڪنهن به ممڪن اڳرائي جو اثرائتو جواب ڏيڻ آهي. سيڪيورٽي /ڏسو صفحو 2بقايا 21

## مليرلنڪ روڊ تي مسافر بس کاهي ۾ ڪري پئي، 4 ڄڻا فوت، 15 کان وڌيڪ زخمي

شڪارپور کان ڪراچي ايندڙ مسافر سمنڊري بابا مزار ويجهو بي قابو ٿي کاهيءَ ۾ ڪري پئي

نتيجي ۾ 4 ڄڻا فوت ٿي ويا، جن ۾ عبدالغفور غلام فريد، مسمات ڪوثر ۽ غلام سرور شامل آهن

زخمين ۾ عبدالغني، محمد افضل، ضمير حسين، سرفراز، سنگهار علي، ڪاشف خان، پري زاد ۽ ٻيا شامل

ملير (د ر) مليرلنڪ روڊ تي مسافر بس کاهي ۾ ڪري پئي، 4 ڄڻا فوت، 15 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا. تفصيل موجب شڪارپور /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

## ڊوڪري ويجهو زخمي ٿيل ايس ايڇ او نيٺ 40 ڏينهن بعد دم ڏئي حوالي ڪيو

چاليهه ڏينهن اڳ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل ڳيريلو ٿاڻي جو ايس ايڇ او مير محمد کوسو لاڏاڻو ڪري ويو

ڳوٺ محرابپور ۾ زخمي ٿيل ايس ايڇ او ڪراچي جي اسپتال ۾ علاج هيٺ داخل هو جتي هن دم ڏئي حوالي ڪيو

ايس ايس پي احمد چوڌري، اي ايس پي رتوديرو محمد علي، ايس ايس پي حيدري احمد بخش راهوجو ۽ ٻيا شريڪ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊوڪري لڳ ڳوٺ محرابپور ۾ چاليهه ڏينهن اڳ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل ڳيريلو ٿاڻي جو ايس ايڇ /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

## مودي جو ڊرامو فلاپ ٿيو، جنگ ڪيائين ته تباهه ٿيندو: ڪوهستاني

پاڪستان ۾ اقليتون مڪمل محفوظ آهن هتي اسان کي مڪمل مذهبي آزادي حاصل آهي

هندو ڌرم ۾ ٻئي مذهب جو احترام سيکاري ٿو مودي سدائين چونڊن ۾ مذهب کي نشانو بڻايو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مملڪتي وزير کيئل داس ڪوهستاني پهلگام واقعي کانپوءِ ڀارت طرفان ڌمڪين تي ردعمل ڏيندي چيو /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

## سون جي اگهه ۾ 13 سئو روپيا لاٿ رڪارڊ

في تولو سون 1300 رپيا گهٽجڻ کانپوءِ 3 لک 44 هزار 500 رپين جو ٿي ويو

ڏهه گرام سون جي قيمت ۾ 1114 رپين جي لاٿ آئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملڪ ۾ اڄ به سون جي اگهن ۾ نمايان گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، في تولو سون 1300 رپيا گهٽجڻ کانپوءِ 3 لک 44 هزار /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

# عامر نواز کان مليل سونو تاج هارون راشدي وڪڻي رقم شهيدن جي وارثن کي ڏئي ڇڏي

سيد هارون راشدي ٻيرلو ڊرڙو جي اڳواڻي ڪندڙ وڪيل اڳواڻ عامر وڙائچ پاران تحفي ۾ ڏنل سونو تاج وڪڻي ڇڏيو

هن وڪرو ڪري مليل ساڍا ٻارنهن لک رپين جي رقم شهيدن ۽ زخمين جي وارثن کي امداد طور ادا ڪيا

شهيد اسلم شاهاڻي، حبدار علي شاهاڻي، محمد عظيم شاهاڻي ۽ مولا بخش بروهي ۽ زخمين جي وارثن رقم ورهائي ڏنو

موهن جو دڙو (رپورٽر) سيد هارون راشدي ٻيرلو ڊرڙو جي اڳواڻي ڪندڙ وڪيل اڳواڻ عامر وڙائچ پاران تحفي ۾ ڏنل سونو تاج وڪرو ڪري مليل ساڍا ٻارنهن لک رپين جي رقم شهيدن ۽ زخمين جي وارثن کي امداد /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

## واهگا رستي 21 پاڪستانين جي ڏيهه واپس پهچي ويا

ڀارتي حڪومت طرفان ملڪ ڇڏڻ لاءِ ڏنل مهلت ختم ٿيڻ ڪانپوءِ اٽاري-واهگا بارڊر تي ڦاٿل اٽڪل 21 پاڪستاني شهري جمعي جي ڏينهن زميني رستي واپس پاڪستان پهچي ويا

اٽاري-واهگا سرحد 30 اپريل تائين کليل رکڻ کانپوءِ خميس تي بند ڪئي وئي، لڳ ڀڳ 70 پاڪستاني شهري خميس جي ڏينهن سرحد تي ڦاٿل رهيا

جمعي جي ڏينهن منجهند 12 وڳي تائين 21 پاڪستاني شهري پاڪستان ۾ داخل ٿيا، جيڪي انٽيگريٽيڊ چيڪ پوسٽ ذريعي روانا ٿي ڏيا ڇاپيون ويٺا هئا

اسان ڄاڻون ٿا ته ڪي پاڪستاني شهري اٽاري ۾ ڦاٿل آهن، جيڪڏهن ڀارتي عملدار ڪين سرحد پار ڪرڻ جي اجازت ڏيندا ته اسان پنهنجي شهرين جي آجيان لاءِ تيار آهيون: ترجمان

ياد رهي ته 22 اپريل تي ڀارتي حڪومت والاريل ڪشمير جي سياحتي ماڳ پهلگام ۾ ٿيل هڪ دهشتگرد حملي ڪانپوءِ پاڪستاني شهرين کي ڏنل ويزائون رد ڪيون هيون

لاهور / امرتسر (م ر) ڀارتي حڪومت طرفان ملڪ ڇڏڻ لاءِ ڏنل مهلت ختم ٿيڻ ڪانپوءِ اٽاري-واهگا بارڊر تي ڦاٿل اٽڪل 21 /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

## پڊ اڻم ته هندستانين کي چانهه پسند آهن مان تيار ڪئي آهي: اداڪار فيصل رحمان

ڪراچي (ويب ڊيسڪ) پاڪستاني ڊراما ۽ فلم /ڏسو صفحو 2 بقايا 09

## ڪراچي: ڪبوترن مان پکڙجندڙ ڦڦڙن جي مرض ۾ اضافو، هفتيوار 20 ڪيس رپورٽ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ڪبوترن سان /ڏسو صفحو 2 بقايا 10



سنڌ جا جيڪي عامر نواز صحافين سان ڳالهايو پيا وري بند ٿي ويندو

# هاڻي درياهه جي چوڪيداري ڪرڻي پوندي: عامر نواز وڙائچ

وڪيلن جي تحريڪ جي سرواڻي ڪندڙ عامر نواز وڙائچ سٽي ڪورٽ ڪراچي پهچڻ تي اجرڪن سان آجيان

سنڌ واسين ڌرڻي دوران اميد کان وڌيڪ پيار ڏنو، ماڻهن ڪاڌي سان گڏ ڪپڙا، موبائل فونن جي بئلنس به ڏنو

ڪئنالن خلاف جاري ڪيل نوٽيفڪيشن مان مطمئن آهيان، اسان کي سنڌوءَ جي مسلسل نگراني ڪرڻي پوندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌوءَ تي تڪراري ڪئنالن اڏڻ خلاف وڪيلن جي تحريڪ جي سرواڻي ڪندڙ عامر نواز وڙائچ جي سٽي ڪورٽ ڪراچي پهچڻ تي وڪيلن پاران پرجوش آجيان ڪئي وئي، جتي /ڏسو صفحو 2 بقايا 11

# پهلگام حملو ڀارتي سيڪيورٽي ادارن جي ناڪامي آهي: را جي اڳوڻي سربراهه

جيڪڏهن ڀارت ڪا سرجيڪل اسٽرائيڪ يا بالاڪوٽ جهڙا قدم کڻڻ چاهي ٿو ته ضرور ڪري: امرجيت سنگهه دولت

ان واقعي ڪانپوءِ ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ باقاعده جنگ جو ڪو به امڪان ناهي، اميد ته معاملا حل ٿي ويندا

محدود فوجي ڪارروائي قابل قبول ٿي سگهي ٿي پر منهنجي ويچار جنگ آخري ۽ بدترين حل آهي

نئين دهلي (م ر) ڀارتي خفيه ايجنسي "را" جي اڳوڻي سربراهه امرجيت سنگهه دولت پهلگام حملي کي ڀارتي سيڪيورٽي ادارن جي ناڪامي قرار ڏيندي چيو آهي ته ان واقعي ڪانپوءِ ڀارت ۽ پاڪستان /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

روزاني
# سُڪار
ڪراچي
E-mail: sukaarkhi@yahoo.com

ڪراچي آفيس: 021_32700091، 021_32700092، 021_32721870
فيڪس نمبر: 02132700176
حيدرآباد آفيس: فون نمبر: 022_2671764_022_2102381
فيڪس نمبر: 022_2671771_022_2102293

ائڊريس : پبلشر شفيق احمد پيرزادي فرحان پرنٽنگ پريس پاڪستان چوڪ مان ڇپرائي امير ميڊيڪل سينٽر روم نمبر 103، 114 ۽ 115 ٽين ماڙ ايم اي جناح روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي.

ڇنڇر 03 مئي 2025ع بمطابق 05 ذوالقعد 1446 هجري

# عوام ڪور ڪمانڊر ڪانفرنس جي فيصلن سان گڏ آهي

پاڪستان ڀارت جي طرفان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي تي باضابطا طور نوٽيس ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب، ڀارت طرفان معاهدي جي معطلي جي ردعمل طور هنگامي قانوني ۽ آئيني مشاورت جاري آهي، جڏهن ته ان حوالي سان ابتدائي هوم ورڪ مڪمل ڪيو ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پرڏيهي آبي وسيلن ۽ قانون وارين وزارتن جي وچ ۾ صلاح مشورا ٿي چڪا آهن ۽ ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ ڀارت کي سفارتي ذريعن وسيلي نوٽيس موڪليو ويندو. انڊس ڪميشن جي ذريعن موجب، نوٽيس ۾ ڀارت کان معاهدي جي هڪ طرفي معطلي جا واضح ۽ قانوني سبب پڇيا ويندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڀارت جي آبي جارحيت خلاف عالمي فورمن تي ڀرپور احتجاج داخل ڪرائڻ تي غور ڪيو پيو وڃي ۽ دنيا آڏو ڀارت جي روش کي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو. انڊس ڪميشن جي ذريعن موجب، سنڌ طاس معاهدي تي قانوني حيثيت ۾ پاڪستان کي سرسي حاصل آهي ۽ اميد آهي ته ڀارت کي جلد پنهنجو فيصلو واپس وٺڻو پوندو. سمورا قدم حڪومت ۽ ڪابينا جي منظوري کانپوءِ کنيا ويندا. ياد رهي ته 22 اپريل تي والاريل ڪشمير جي سياحتي ماڳ پهلگام ۾ فائرنگ جي واقعي دوران 26 ڄڻا مارجي ويا ۽ هڪ درجن کان وڌيڪ زخمي ٿيا هئا، جنهن کان پوءِ ڀارت بنا ڪنهن ثبوت جي پاڪستان تي الزام لڳائيندي سنڌ طاس معاهدو معطل ڪري ڇڏيو هو. پاڪستان ته رڳو ان واقعي جي مذمت ڪئي، پر وزيراعظم شهباز شريف طرفان ڀارت کي اٿڊري جاچ لاءِ هر قسم جي سهڪار جي آڇ ڇهه ڪئي وئي. پاڪستان جي سياسي ۽ عسڪري قيادت واضح ڪري ڇڏيو آهي ته ڀارت جي ڪنهن به جارحاڻي قدم جو اهڙو جواب ڏنو ويندو جيڪو هو هميشه ياد رکندو.

آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ ڀارت جي جارحاڻي رويي ۽ والاريل ڪشمير ۾ قابض فوج جي ظلمن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي پاڪستان جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت برقرار رکڻ جو عزم ورجايو ويو ۽ چيو ته جنگ مڙهڻ جي ڪنهن به ڪوشش جو فيصلائتو جواب ڏنو ويندو. آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ خاص ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ خطي جي موجوده صورتحال، خاص طور ڀارت سان وڌندڙ ڇڪتاڻ ۽ علائقائي سلامتي جي صورتحال جو گڏيل جائزو ورتو ويو. آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب، فورم ڀارت جي ڪنهن به جارحاڻي ڪارروائي يا مهم جوئي جي صورت ۾ ملڪ جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ بابت پنهنجي اٽل عزم ورجايو. ڪانفرنس دوران آرمي چيف پاڪ فوج جي پيشيوراڻين صلاحيتن، ثابت قدم حوصلي ۽ آپريشنل تيارين جي واکاڻ ڪندي چيو ته پاڪ فوج پنهنجي عوام سان گڏ بيٺي آهي ۽ ملڪ جي دفاع لاءِ مڪمل تيار آهي. فورم خاص طور تي والاريل جمون ڪشمير ۾ ڀارتي ظلمن، خاص ڪري پهلگام واري واقعي کانپوءِ لائين آف ڪنٽرول تي عام شهرين کي نشانو بڻائڻ واري عمل تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪئي. بيان ۾ چيو ويو ته ڀارت جون اهڙيون بي سبب ۽ غير انساني ڪارروايون خطي جي امن لاءِ خطرو بڻجن ٿيون، جن جو اثرائتو جواب ڏنو ويندو. ڪانفرنس جي شرڪت ڪندڙن ڀارتي فوج ۽ انٽيليجنس ادارن جي پاڪستان اندر دهشتگردي جي واقعن ۾ سڌي ريت ملوث هجڻ بابت ترديد ته ڪرڻ جوڳن ثبوتن تي پڻ ڳڻتي جو اظهار ڪيو. فورم چيو ته رياستي سرپرستي هيٺ ٿيندڙ اهڙيون ڪارروائيون عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي آهن ۽ ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهن. ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙن زور ڏيندي چيو ته ڀارت پنهنجي سياسي ۽ فوجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻمرادو بحرانن جي رٿابندي ڪري ٿو، جيئن 2019ع ۾ والاريل ڪشمير ۾ آرٽيڪل 370 جي خاتمي لاءِ پلوامه جو ڊرامو رچايو هو. فورم موجب، ڀارت پهلگام جي واقعي جي آڙ ۾ پاڪستان جي جو ڏيان اولهه وارن ۽ معيشت جي بحالي واري جدوجهد تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ان سلسلي ۾ ڀارت جي طرفان سنڌ طاس معاهدي کي نقصان پهچائڻ واري رويي ۽ پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي ارادي تي به ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي، جنهن سان نه رڳو پاڪستان جي 24 ڪروڙ آبادي متاثر ٿيندي، پر سڄي ڏکڻ ايشيا ۾ عدم استحڪام واري صورتحال پيدا ٿيندي. فورم واضح ڪيو ته پاڪستان جي ترقي ۽ امن جو سفر ڪنهن به ڌمڪي، جبر يا پراڪسي جي مدد سان روڪيو نه ٿو سگهجي ۽ ڪنهن به جنگ مڙهڻ جي ڪوشش جو ڀرپور ۽ فيصلائتو جواب ڏنو ويندو. ڪانفرنس جي پڇاڙيءَ تي آرمي چيف جنرل عاصم منير ملڪ جي دفاع لاءِ ٿيندڙ آپريشنل تيارين، فارميشنز ۽ اسٽريٽجڪ فورسز جي حوصلي ۽ جذبي تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو.

# رياست جو چوٿون ٿنڀو

سيده سونيا منور

ورلڊ پريس فريڊم ڊي هر سال 3 مئي تي سڄي دنيا ۾ ملهايو ويندو آهي. ان ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد صحافت جي آزادي جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن صحافين کي پيٽا پيش ڪرڻ آهي، جيڪي سچ ٻڌائڻ لاءِ خطرا کڻن ٿا. گڏيل قومن 1993ع ۾ هن ڏينهن کي رسمي طور ملهائڻ جو اعلان ڪيو هو ته جيئن صحافين جي تحفظ ۽ اظهار جي آزادي جي حمايت ڪري سگهجي. ميڊيا جي آزادي ڪنهن به جمهوري معاشري جو بنيادي ستون آهي. هڪ آزاد ميڊيا اها قوت آهي، جيڪا حڪومتن کي جوابده بڻائي ٿي، عوام کي باخبر رکي ٿي ۽ سماجي ناانصافين جي خلاف آواز اٿاري ٿي.

بدقسمتي سان، اڄ به دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ صحافين کي دٻاءُ، سينسرشپ، جيل ۽ جيئڙي رهڻ تائين جي خطرن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ڪجهه حڪومتون ميڊيا تي پابنديون لڳائي سچ لڪائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون، جيڪا نه صرف اظهار جي آزادي جي ڀڃڪڙي آهي، پر معاشري جي ترقي لاءِ به هاڃيڪار آهي. ان ڏينهن جو پيغام آهي ته اسان کي فرد ۽ سماج جي حيثيت سان صحافين جي حقن جو دفاع ڪرڻ گهرجي ته جيئن اهي بنا ڪنهن دٻاءَ جي پنهنجو ڪم ڪري سگهن. اسان کي سمجهڻ گهرجي ته صحافت رڳو هڪ پيشو نه آهي، پر اها خدمت آهي جيڪا معاشري کي باشعور، باخبر ۽ خبردار ڪري ٿي.

پريس جي آزادي اهڙو حق آهي، جيڪو عوام کي سچ ڄاڻڻ جو موقعو ڏئي ٿو. جڏهن صحافي بنا خوف ۽ دٻاءَ جي حقيقتون سامهون آڻين ٿا ته ان سان معاشري ۾ شفافيت اچي ٿي ۽ ماڻهن جو سرڪاري نظام تي اعتماد بحال ٿئي ٿو. هن ڏينهن جو مقصد آهي ته دنيا ۾ ميڊيا جي آزادي جي اهميت تي زور ڏنو وڃي. صحافين کي اڪثر حساس موضوعن تي رپورٽنگ ڪرڻي پوي ٿي، جيڪي ڪجهه حلقن کي نه وڻن، جهڙوڪ ڪرپشن، انساني حقن جون ڀڃڪڙيون، يا حڪومتن جون ناڪام پاليسيون. اهڙين حالتن ۾ صحافين کي ڌمڪيون، تشدد، يا ڪوڙا ڪيس به منهن ڏيڻو پوي ٿو.

ڏين. جيڪي غيرجانبدار، تحقيقاتي ۽ سچ تي ٻڌل رپورٽنگ ڪن ٿا. فيڪ نيوز، پروپيگنڊا ۽ سينسرشپ جي هن دور ۾ ذميوار صحافت جي اهميت وڌيڪ وڌي وئي آهي. ورلڊ پريس فريڊم ڊي اسان کي سيکاري ٿو ته سچ جي تلاش هڪ مسلسل جدوجهد آهي. جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته اسان جا معاشرا انصاف تي ٻڌل هجن، ته پوءِ اسان کي صحافتي آزاديءَ جي اصولن جي حفاظت ڪرڻي پوندي. صحافي رڳو خبرون نه ڏين ٿا، پر سچ کي آواز ڏين ٿا ـ ۽ اها آوازئي بهتر مستقبل جي ضمانت آهي.

پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ تڪراري حالتن دوران ٻنهي ملڪن جي صحافين جو ڪردار نهايت اهم، حساس ۽ ٻه طرفو هوندو آهي. اهڙين حالتن ۾ صحافت جو مقصد رڳو خبرون پهچائڻ نه، پر ذميواريءَ سان حالتن کي بهتر ڪرڻ، غلط فهميون ختم ڪرڻ ۽ جنگي جنون کي گهٽائڻ به هجڻ گهرجي. بدقسمتي سان، ڪڏهن ڪڏهن ٻنهي پاسن جو ميڊيا قوم پرستي ۽ دشمني کي هٿي ڏئي ٿو ۽ ريٽنگ جي ڊوڙ ۾ سنسني خيز خبرون ۽ ڀڙڪائيندڙ ٻولي استعمال ڪري ٿو جيڪا حالتن کي وڌيڪ خراب ڪري ٿي.

بهتر ڳالهه اها آهي ته ڪيترائي باشعور ۽ ذميوار صحافي ۽ ميڊيا ادارا اهڙا به آهن، جيڪي حقيقت تي ٻڌل رپورٽنگ ڪن ٿا، جنگي بيانيي کان پاسو ڪن ٿا ۽ امن ۽ ڳالهه ٻولهه کي هٿي ڏين ٿا. اهي پنهنجا پليٽفارمز غلط معلومات جي خلاف استعمال ڪن ٿا ۽ ٻنهي ملڪن جي ماڻهن کي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. تنهن ڪري، جيڪڏهن پاڪستان ۽ ڀارت جا صحافي پيشاوراڻي ايمانداري، غيرجانبداري ۽ سچ کي پنهنجو اصول بڻائين ته اهي ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي بهتر بڻائڻ ۽ علائقي ۾ امن قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

ورلڊ پريس فريڊم ڊي اسان کي ياد ڏياري ٿو ته اسان کي انهن مشڪلاتن جي باوجود سچ جو ساٿ ڏيڻو پوندو. عوام جي ذميواري آهي ته اهي آزاد صحافت جي حمايت ڪن ۽ اهڙن ميڊيا ادارن جو ساٿ...

# تاريخ جي شاهراهه تي پيرلوءَ جو منفرد اسٽاپ

فاروق سومرو

هن وقت هر زبان تي سنڌوءَ مان نڪرندڙ ڇهن ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف تاريخي جدوجهد متعلق ڳالهيون آهن. هر ڪو پنهنجي عقل، سوچ، فهم متعلق ان تي تبصرا ڪري رهيو آهي. ڌرڻي متعلق حڪمران جماعتن جي اهم وزيرن توڙي سينيئر سياستدانن جا عجيب ۽ غريب ڪمينٽس سامهون آيا، پر جڏهن اهو ڌرڻو هڪ سگهاري تحريڪ جي صورت اختيار ڪري ويو ته انهن حڪمرانن توڙي سياستدانن گهٽي پاڳي يوٽرن ورتو. ڌرڻي وقت چيو ويو ته "هي چيل چڏي فرار ٿي ويندا . آهي گهران نڪتا آهن، جن کي گهر ماني به ناهي ملندي .. اهي ڳالهائي رهيا آهن، جن ڪڏهن اليڪشن ناهي کٽي . سنڌوءَ درياءَ مان نڪرندڙ ڪئنالن واري معاملي تي اهي نڪتا آهن، جن کي سنڌ رد ڪري چڪي آهي ." ان سميت دل آزاريندڙ توڙي ڪيترائي طنزيه جملا، ڳالهيون شروعاتي ڏينهن ۾ ٻڌڻ ۾ پئي آيا. پر جڏهن پوري سنڌ بنا ڪنهن ذات، پات، رنگ نسل، ٻولي، پارٽي توڙي مذهبي فرق جي گڏجي هڪ آواز ٿي سگهاري انداز ۾ آواز بلند ڪيو ته ان قسم جا جملا استعمال ڪندڙن جي وات تي به تالا لڳي ويا. ڇو جو انهن کي چڱي ريت ڄاڻ هئي ته جيڪڏهن هاڻي اسان ڌرتي، سنڌوءَ جي مالڪيءَ لاءِ نڪتلن متعلق ڪجهه ڳالهائينداسين ته اسان کي ڀرپور جواب ڏنو ويندو. تنهن ڪري انهن جو لهجو ٻڌيءَ جي طاقت سبب اپيل واري صورت اختيار ڪري ويو. سوشل ميڊيا استعمال ڪندڙ صارفين کي چڱي ريت ان ڳالهه جي ڄاڻ هوندي ته سوشل ميڊيا تي وفاق توڙي سنڌ ۾ حڪمران جماعت کي ڪيتري تنقيد کي منهن ڏيڻو پيو. سوشل ميڊيا جو ذڪر ان ڪري پئي ڪيو ته مين اسٽريم ميڊيا توڙي پرنٽ ميڊيا جو ٻڌل قاعدن، ضابطن تي هلڻ جي پابندي هوندي آهي، ان گهٽيون تنقيد واريون ڳالهيون، تقريرون اهڙيون هونديون آهن، جن ۾ تالا ڪٽي گهٽ وڌ ڳالهايو ويندو آهي، جيڪي هو هلائي ناهن سگهندا پر سوشل ميڊيا تي اهي وائرل ٿي وينديون آهن. اهڙيون ڪافي وڊيون، پوسٽون سوشل ميڊيا تي عام هيون. 17 اپريل کان 29 اپريل تائين يعني 12 ڏينهن پيرلوءَ ڌرڻي واري هنڌ توڙي ڪراچي کان ڪشمور تائين جوش، جذبي، ڪاوڙ توڙي ڪروڌ جي صورت ۾ جيڪا مزاحمت ٿي آهي، اها تاريخ جي ورقن ۾ هميشه جي لاءِ محفوظ ٿي چڪي آهي. جن پيرلوءَ بائي پاس تي پهچي ڌرڻي ۾ شرڪت ڪئي يا وري جيڪي ان کان هر پل آگاهه رهيا، انهن کي چڱي ريت ڄاڻ هوندي ته ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندڙ هر هڪ جي زبان تي کهڙا نعرا هئا. جن نعرن کان پوري سنڌ واقف ٿي چڪي آهي، جا اهي نعرا حڪمران جماعت جي قيادت تائين نه پهتا هوندا؟ يقينن پهتا هوندا. ان ڪري ته غرور، تڪبر ۾ مبتلا سياستدانن توڙي حڪمرانن جو لهجو لفظ توڙي ڳالهائڻ جو اندازئي تبديل ٿي ويو. ڌرڻي دوران هر رخ...

# سنڌ ۾ لوڊشيڊنگ، عوامي نمائندا ڪڏهن مالڪي ڪندا

قاضي وحيد

سنڌ صوبي ۾ شديد گرمي جي وڌڻ سان ئي بجلي جي اڪ پوٽ وارو سلسلو به عروج تي پهچي ويو آهي. سنڌ ۾ بجليءَ جي بحران سبب سڄو ڪاروهنوار ٺپ لڳو پيو آهي ۽ ڪاروبار کي ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي.

بزنس مين تاجر حضرات اهڙي بجلي جي بار بار هر پٺي ڪلاڪ ائين اڪ پوٽ سبب پنهنجي ڪاروبار ۾ نقصان سبب مسئلن جو شڪار بڻجي چڪو آهي، سيٽي کي خبر آهي ته بجلي سنڌ ناهي ٿي ۽ سنڌ ۾ بجلي جي پيداوار هوندي به سنڌ جي اڪثر شهرن ۾ 18 ڪلاڪ کان به وڌيڪ بجلي جي لوڊشيڊنگ ڪئي وڃي ٿي ۽ ڳرا بجلي جا بل به موڪليا وڃن ٿا. پوري ملڪ ۾ هن وقت سڀ کان وڌيڪ گرمي جي لهر سنڌ ۾ ڇانيل...

ڪنهن ملڪ جي وڏي ڏوهاري کي به شايد ناهي ملوث رهيو ته ان کي جيل قيد ۾ رکيو ويندو ۽ ان... اندازو ڪيو ته اهو اعلان عوام دوست آهي يا عوام... آهي ته سنڌ ۾ کهڙيون فيڪٽريون، ڪارخانا... صوبي مان وڌيڪ بجلي استعمال ٿئي ٿي اتي اتي...

حڪومت جو سڀ کان پهريان اهو عوام دشمن اعلان آهي ته جيڪو به بجلي جي معاملي ۾ بلب هارينڊي يا وري راڌ سيور هارينڊي بغير ميٽر جي يا ڪنڊي جي حوالي سان پڪڙيو ويو ته اها سزا اينتري آهي جو...

بقايا 01

آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ خاص ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ خطي جي موجوده صورتحال، خاص طور ڀارت سان وڌندڙ ڇڪتاڻ ۽ علائقائي سلامتي جي صورتحال جو گڏيل جائزو ورتو ويو. آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب، فورم ڀارت جي ڪنهن به جارحاڻي ڪارروائي يا مهم جوئي جي صورت ۾ ملڪ...

اڳواڻن خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ سان لاڳاپيل معاملن تي پڻ بحث ڪيو. عاصم افتخار خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي عزم کي ورجايو. ٻئي طرف، گڏيل قومن ۾ پاڪستان جو مستقل نمائندو عاصم افتخار اڄ نيويارڪ ۾ هڪ اهم پريس ڪانفرنس ڪندو. هي پريس ڪانفرنس پاڪستاني وقت مطابق رات 8 وڳي ٿيندي. ان کان اڳ، عاصم افتخار ڏکڻ ايشيا جي تازي صورتحال تي ...

01
بقایا

راکٹوں و بیلاسٹک میزائل سے لیس ایٹمی آبدوز ”ایچ ایم ایس ویلینٹ“ کی برطانیہ واپسی

راکٹوں و بیلاسٹک میزائل سے لیس ایٹمی آبدوز ”ایچ ایم ایس ویلینٹ“ کی برطانیہ واپسی

02
بقایا

خاتون کو لاپتا کرنے کا الزام کس پر آیا؟

خاتون کو لاپتا کرنے کا الزام کس پر آیا؟

03
بقایا

شریک اکاؤنٹ و جائداد کا کارکن پاکستان زائد آباد پاکستان زائد آباد

شریک اکاؤنٹ و جائداد کا کارکن پاکستان زائد آباد پاکستان زائد آباد

04
بقایا

سوین کنڈا کنکشن کنکشن چڈیا

سوین کنڈا کنکشن کنکشن چڈیا

11
بقایا

12
بقایا

13
بقایا

14
بقایا

15
بقایا

16
بقایا

17
بقایا

18
بقایا

19
بقایا

20
بقایا

21
بقایا

22
بقایا

23
بقایا

24
بقایا

25
بقایا

26
بقایا

27
بقایا

33
بقایا

34
بقایا

35
بقایا

36
بقایا

37
بقایا

38
بقایا

39
بقایا







## ٹینڈر نوٹیس

سندھ پبلک پروکیورمینٹ رولز، 2010 (ترمیم شدہ 2019) کی مطابق، سندھ سیف سٹیز اتھارٹی، سندھ حکومت، کراچی سیف سٹی پروجیکٹ کے ٹینڈرز طلب کرتی ہے بااختیار پارٹنر/ڈسٹریبیوٹر یا سپلائرز کا FBR رجسٹرڈ سیلز ٹیکس۔ انکم ٹیکس کے فہرستی ہے اور ایکٹو ٹیکس کے فہرستی ہے فراہمی کے لیے۔ مزید تفصیل کے لیے براہ کرم ذیل میں دیئے گئے ٹیلی فون نمبرز پر رابطہ کریں۔

| سیریل | شے / جز / آئٹم | تعداد |
|---|---|---|
| 1 | لیزر پرنٹرز | 10 |
| 2 | لیزر پرنٹر کلر | 2 |
| 3 | ٹیپ ٹایپ | 4 |
| 4 | ڈیسک ٹاپ کمپیوٹرز | 15 |

**ہدایتوں:**

1. ٹینڈر جمع کرنے کا طریقہ کار: ٹینڈر سیل بند لفافے میں جمع کرائے جائیں۔ لفافے پر ٹینڈر کا نام، ٹینڈر نمبر اور جمع کرانے کی تاریخ واضح طور پر لکھی ہو۔
2. ٹینڈر دستاویز: ٹینڈر دستاویز میں شے کی تفصیل، مقدار، ڈیلیوری کا وقت اور دیگر شرائط و ضوابط درج ہیں۔ یہ دستاویز https://portalsindh.eprocure.gov.pk پر دستیاب ہیں۔
3. ٹینڈر فیس: ٹینڈر دستاویز کی قیمت 3000/- روپے ہے۔ یہ رقم ناقابل واپسی ہے۔
4. ٹینڈر جمع کرانے کی آخری تاریخ: ٹینڈر 19 مئی 2025ء کو دوپہر 12 بجے تک جمع کرائے جائیں۔ اس کے بعد جمع کرائے گئے ٹینڈر پر غور نہیں کیا جائے گا۔
5. ٹینڈر کھولنے کی تاریخ: ٹینڈر 19 مئی 2025ء کو دوپہر 12:30 بجے کھولے جائیں گے۔ ٹینڈر دہندگان یا ان کے نمائندے اس موقع پر موجود رہ سکتے ہیں۔
6. ٹینڈر کی ضمانت: ٹینڈر کی رقم کا 2 فیصد بطور ضمانت جمع کرانا ہوگا۔ یہ ضمانت بینک ڈرافٹ یا پے آرڈر کی صورت میں ہو۔
7. ٹینڈر کی منظوری: سندھ سیف سٹیز اتھارٹی کو کسی بھی ٹینڈر کو بغیر وجہ بتائے منظور یا مسترد کرنے کا حق حاصل ہے۔
8. مزید معلومات: مزید معلومات کے لیے ٹینڈر دستاویز میں دیئے گئے ٹیلی فون نمبرز پر رابطہ کریں۔

**آفیسر آف دی ڈائریکٹر جنرل**
**سندھ سیف سٹیز اتھارٹی**

## راٺيپور جي استادن، شاگردن، شاگردياڻين پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي

پٺاڻي پبلڪ سيڪنڊري اسڪول جي استادن شاگردن، شاگردياڻين، فوج جي حمايت ۽ ڀارت جي جارحيت خلاف ريلي ڪڍي

ڀارت پاڪستان جي پاڻي تي قبضي جي ڪوشش ڪري خطي جي امن کي خطري ۾ وجهي رهيو آهي

پاڪ فوج رڳو سرحدن جي محافظ ناهي پر قوم جي غيرت ۽ خودمختياري جي علامت آهي: استاد شوڪت علي شيخ ۽ ٻيا

راٺيپور (رپورٽ: ميان اعجاز) راٺيپور پٺاڻي پبلڪ سيڪنڊري اسڪول راٺيپور جي شاگردن شاگردياڻين استادن پاران پاڪ فوج جي حمايت ۽ ڀارتي جارحاڻي آبي دهشتگردي خلاف ريلي ڪڍي وئي رپورٽ موجب /ڏسو صفحو 3 بقايا 01



راٺيپور: پٺاڻي پبلڪ سيڪنڊري اسڪول جي شاگردن، شاگردياڻين ۽ استادن پاران پاڪ فوج جي حمايت ڪيل ريلي جو هڪ ڏيک

## سيٺارجا ۽ ٺنگريجا جي علائقن ۾ سيپڪو جو آپريشن، 9 ڄڻا گرفتار، سوين ڪنڍا ڪنيڪشن ڪاٽا

سب ڊويزن جي ايس ڊي او شفقت علي پيلارجي اڳواڻي ۾ سيپڪو عملي، رينجرس ۽ پوليس ساڻ ڪري آپريشن ڪيو

ان موقعي تي سوين ڪنڊا ڪنيڪشن ڪٽي لکين رپين جي بقايا ادا نه ڪندڙ 9 باقيدارن کي گرفتار ڪيو ويو

باقيدارن خلاف روزانو جي بنياد تي ڪارروائي جاري آهي، باقيدار بل قسط ڪرائي ادا ڪن: ايس ڊي او سيپڪو سيٺارجا


سيٺارجا (رپورٽ) سيٺارجا ۽ ٺنگريجا جي علائقن ۾ سيپڪو جو رينجرس ۽ پوليس سان گڏ باقيدارن ۽ ڪنڊا ڪنيڪشن خلاف آپريشن. 9 باقيدار گرفتار. /ڏسو صفحو 3 بقايا 04

### سکر ۾ پسند پرڻو ڪندڙ جوڙي پاران قتل جون ڌمڪيون ملڻ تي تحفظ لاءِ احتجاج

جاويد احمد، نثار احمد اسان کي ڪوڙي ڪاروڪاري جي الزام هيٺ قتل جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: عمران سولنگي

ويڳي امڙ پنهنجي پسند عيوض پرڻائڻ پئي چاهيو اسان کي انصاف ۽ تحفظ ڏيو: ناري دلڪش

سکر (بيورو رپورٽ) پسند جي شادي ڪندڙ جوڙي ناري دلڪش ڌي مرحوم خالد حسين سولنگي ۽ نوجوان عمران علي /ڏسو صفحو 3 بقايا 05



سکر: پيار پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪندي

### سڪرنڊ ۾ اڌڙوٽ جو گهر مان 2 ڏينهن پراڻو لاش هٿ

لاڪا هائوس جي ويجهو پنهنجي گهر ۾ 50 سالن جو نثار خانزادو فوت ٿي ويو

مقتول نثار خانزاده زال ۽ ٻارن هجڻ ڪري گهر ۾ اڪيلو رهندو هو لاش ٻه ڏينهن گهر ۾ پيل رهيو

سڪرنڊ (رپورٽ) سڪرنڊ خانزاده محلي ۾ لاڪا هائوس جي ويجهو پنهنجي گهر ۾ 50 سالن جو نثار خانزادو فوت ٿي ويو. مقتول نثار خانزاده زال ۽ ٻارن هجڻ ڪري گهر ۾ اڪيلو رهندو هو جنهن ڪري سنڌس /ڏسو صفحو 3 بقايا 06

## لاڙڪاڻي جي رهواسين جو مبينا ڪنبي گم ڪيل نوجوان ڀاڻيجي جي آزاديءَ لاءِ احتجاج

گڏريل خميس جي رات دير سان اهلڪار گهر ۾ گهڙي ڀاڻيجي تشڪيل حيدر کي ڪنبي کڻي ويا: زيب النساءَ سانگي

ڀاڻيجي تشڪيل حيدر سانگي جا والدين ننڍي هوندي بيماري سبب فوت ٿيا، جنهن ڪانپوءِ اسان کيس پاليو

تشڪيل کي ڪنبي گم ڪري ظلم ڪيو ويو، کيس آزاد ڪرائي گهرڀاتين ۾ ڇانيل پريشاني ختم ڪيو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي پيپلز /ڏسو صفحو 3 بقايا 09





لاڙڪاڻو: ڪنبي گم ٿيل نوجوان جا وارث سندس آزادي لاءِ احتجاج ڪندي



خانپورمهر: جي يو آءِ تعلقه خانڳڙهه جي اجلاس ۾ شريڪ اڳواڻن جو گروپ فوٽو

## خانپور مهر ۾ جي يو آءِ تعلقه خانڳڙهه جو اجلاس منعقد

اجلاس ۾ تعلقي جي يونٽن کي سرگرم ڪرڻ لاءِ دورا ڪرڻ لاءِ مشاورت ڪئي وئي

اتفاق راءِ سان تعلقي ۾ وڏي ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو

خانپورمهر (رپورٽر) خانپور مهر ۾ جي يو آءِ تعلقه خانڳڙهه جو اجلاس، مختلف معاملن تي ڳالهه ٻولهه جي يو آءِ اڳواڻن جي ايس ايچ او /ڏسو صفحو 3 بقايا 02

## اوٻاوڙو ۾ ڀارتي جارحيت خلاف ۽ پاڪ فوج سان اظهارِ يڪجهتي لاءِ ريلي

هيومين رائيٽس پروٽيڪشن محب وطن آرگنائيزيشن جي اڳواڻن ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

مظاهرين مودي جون ۽ تصويرون رکي ٻاهه ڏئي ساڙيو ويو، پاڪستان زنده آباد پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا

اوٻاوڙو (رپورٽر) اوٻاوڙو هيومين رائيٽس پروٽيڪشن محب وطن آرگنائيزيشن پاڪستان ضلع گهوٽڪي پاران ڀارتي /ڏسو صفحو 3 بقايا 03





اوٻاوڙو: هيومين رائيٽس پروٽيڪشن محب وطن آرگنائيزيشن پاران ڪڍيل ريلي جو هڪ ڏيک

### سکر: پيپلز ٽرڊي جي ڪاميابي تي لالا شهباز خان پٺاڻ جي طرفان تقريب منعقد

سکر پريس ڪلب جي فنانس سيڪريٽري لالا شهباز خان پٺاڻ خان فارم هائوس تي تقريب منعقد ڪئي

هي وڪيل اسان جا هيرو آهن جن مسلسل ڏرٽر فتي حڪمران کي ڪرڙا ڪرڻ تي مجبور ڪيو: لالا شهباز خان پٺاڻ

سکر (بيورو رپورٽ) پيپلز ٽرڊي جي لاءِ ڏينهن هجي يا رات مسلسل ٻارنهن ڏينهن جن وڪيل دوستن پنهنجي حصي جي ڪم ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 07

### شاه لطيف ورسٽي جي وي سي پاران ايل ايل بي امتحاني سينٽرن جو دورو

قانوني تعليم قانونن ضابطن، قاعدن ۽ آئين جي ڄاڻ فراهم ڪري ٿي: وي سي

قانون جي تعليم حاصل ڪندڙ شاگرد سڀاڻي جا وڪيل ۽ جج ٿيندا: پروفيسر ڊاڪٽر يوسف خشڪ

خيرپور (د ر) شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر يوسف خشڪ سکر جي ايل ايل بي /ڏسو صفحو 3 بقايا 08

### غيب تي ايمان آڻڻ ئي ايمان جي نشاني آهي: علامه سيد قمرعباس نقوي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) مرڪزي شيعه جامع مسجد جعفريه مرڪزي امام بارگاهه جعفريه لاڙڪاڻي ۾ جمعته المبارڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

## وڳڻ واسي دادو مدرسي مان گم ٿيل 2 ننڍڙا هٿ، وارثن ۾ خوشي جي لهر

مدرسي مان گم ٿيل 2 ننڍڙا عبدالمنان ۽ ارشد چانڊيو هٿ گهر لاءِ نڪتا ته رستو ڀلجي گم ٿي ويا

ٻنهي ڄڻن جي ٻن ڏينهن تائين نه پهچڻ تي وارثن ۾ مايوسي ڇانئجي وئي، وارثن کين ڪي اين شاهه مان هٿ ڪيو

ٻارڙا دادو ۾ قائم هڪ مدرسي ۾ پڙهندا هئا جيڪي مدرسي انتظاميا کي ٻڌائڻ جي نڪري ويا هئا: وارث

وڳڻ (رپورٽر) وڳڻ واسي دادو مدرسي مان گم ٿيل 2 ننڍڙا هٿ گهر لاءِ نڪتل عبدالمنان ۽ ارشد چانڊيو رستو ڀلجي وڃڻ دوران ٻن ڏينهن کان گم هئا گهر پهچڻ تي /ڏسو صفحو 3 بقايا 12



وڳڻ: 2 ڏينهن ڪانپوءِ هٿ آيل عبدالمنان ۽ ارشد چانڊيو جا فائل فوٽو

### خيرپور عدالتي حڪمن جي عمل نه ٿيڻ تي ڏهه عملدارن خلاف شوڪاز نوٽيس جاري

خيرپور (د ر) خيرپور جي عدالت، عدالتي حڪمن /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

### سکر پوليس جون ڪارروايون، ٻه جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس پاران جاري /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

## گهوٽڪي پوليس جو مبينا مقابلي دوران ڌوهاري مارڻ جي دعويٰ

رات دير سان جاڙي واهه لنڪ روڊ تي پوليس جو ڌاڙيلن سان مقابلو ٿيو، 2 کان 3 ڌاڙيل زخمي پڻ ٿيا

مقابلي ۾ مارجي ويل ڌوهاري جي سڃاڻپ هيبت لولائي طور ٿي، ٻين زخمي ڌاڙيلن جي ڳولا جاري آهي

زخمي ڌاڙيلن جي گرفتاري لاءِ ناڪا بندي ڪئي وئي پر ڪوبه هٿ نه اچي سگهيو: پوليس

گهوٽڪي (رپورٽ: رشيد ڪليري) گهوٽڪي پوليس مبينا مقابلي دوران هڪ ڌوهاري کي مارڻ جي دعوا ڪئي، سڃاڻپ /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

### مهاڻن جي 19 ڳوٺن کي ڏنل نوٽيس واپس ورتا وڃن: اياز لطيف پليجو

ڪارپوريٽ فارمنگ يا پبلڪ پارٽنرشپ ڌاڙيل منصوبو آهي، زمينن، تاريخي ماڳن جو سودو قبول ناهي

پيپلزپارٽي کي مسلط ڪندڙ طاقتن کي هرصورت ۾ ڪئنالن جي منصوبي تان دستبردار ٿيڻو پوندو

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته ڪارپوريٽ فارمنگ يا پبلڪ پارٽنرشپ /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

### لاڙڪاڻي جي پورهيت جو گهرڀاتين سان گڏجي ٻاٿرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي غريب آباد جي رهواسي پورهيت گهرڀاتين سان /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

### خيرپور: سيٺارجا جي جوڙي پاران تحفظ لاءِ ڪيس داخل

مسمات عشا عدالت سگهوري ۾ فيضان علي ويسر سان نڪاح ڪري ڇڏيو

اسان کي جاني مالي تحفظ فراهم ڪندي زندگيون بچايون وڃن: جوڙي پاران گهر

خيرپور (د ر) سيٺارجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڏينگل خان ويسر جي جوڙي عدالتي پرڻو ڪرڻ بعد زندگي کي نقصان پهچائڻ وارن /ڏسو صفحو 3 بقايا 18



خيرپور: سيٺارجا جو پريمي جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪندي

## مٽياري ضلعي ۾ صحافت جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان صحافين جون ريليون، احتجاج

عبدالغفور عرف ادا پائو ميمڻ جي اڳواڻي ۾ مختلف پريس ڪلبن اڳيان ڌار ڌار احتجاج مظاهرا ڪيا ويا

پاڪستان گورنمينٽ ملڪ ۾ خاص سنڌ جي صحافين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام وئي آهي

موجوده حڪمران صحافين کي گهرڀاتين سوڊو هيسائيندي کين پريشان پئي ڪري، صحافين کي تحفظ ڏيو

ٽنڊو آدم شاهه (رپورٽر) صحافت جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان پي ايف يو جي ورڪرز مٽياري طرفان مٽياري ضلعي جي مختلف شهرن ۾ صحافين جون ريليون، پريس ڪلبن اڳيان ڌار ڌار احتجاجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 19





ٽنڊو آدم شاهه: صحافتي اڳواڻ صحافت جي عالمي ڏهاڙي حوالي سان ميڊيا جي آزادي حوالي سان احتجاج ڪندي

## نصيرآباد ۾ بجلي لوڊشيڊنگ خلاف ايس ڊي او ۽ ايل ايس جو پتلو ساڙي احتجاج

سڄاڳ شهري اتحاد نصيرآباد طرفان نيشنل بئنڪ اڳيان آصف ڪائيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پتلا ساڙيا ويا

18_18 ڪلاڪ بجلي جي هتراڊو لوڊشيڊنگ ڪري شهرين کي آزاريو پيو وڃي، شهر ۾ پاڻي ناهي: اڳواڻ

ڪيترائي ڀيرا سيپڪو انتظاميا سان ملاقاتون ڪري احتجاج ڪيا شهرين کي تڙپائڻ بدران شيڊول بحال ڪيو

نصيرآباد (رپورٽر) بجلي جي غير قانوني لوڊشيڊنگ خلاف سڄاڳ شهري اتحاد جي صدر آصف ڪائيو، منصور اتحاد نصيرآباد طرفان نيشنل بئنڪ اڳيان سومرو، محمد نڱڻ حميد انقلابي، اظهار واهوچو /ڏسو صفحو 3 بقايا 11



نصيرآباد: سڄاڳ شهري اتحاد بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

## ڪراچي ۾ قانون جي شاگرد تي تشدد خلاف شهدادپور بار ايسوسيئيشن پاران ريلي

شاگرد شهباز خاصخيلي کي وحشياڻو تشدد جو نشانو بڻائڻ خلاف وڪيلن، سياسي سماجي اڳواڻن ريلي ڪڍي

پوليس شهباز خاصخيلي ۽ ٻين نوجوانن تي بلاجواز تشدد ڪري ڪيس وينٽي ليٽر تي پهچائي ڇڏيو: اڳواڻ

ايس ايچ او سميت سمورن ملوث عملدارن خلاف ڪارروائي جو واقعي جي جاچ ڪريو: مطالبو

شهدادپور (رپورٽر) ڪراچي ڊيفينس پوليس جي زيادتين ۽ انسانيت جا سڀ ليڪا لتاڙيندي شهدادپور جي نوجوان لا جي شاگرد شهباز خاصخيلي کي وحشياڻو تشدد جو نشانو بڻائڻ سبب وينٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا 31





شهدادپور: قانون جي شاگرد شهباز خاصخيلي تي ٿيل تشدد خلاف وڪيل اڳواڻ ۽ رهواسي احتجاج ڪندي

## شهيد بينظير ڀٽو جنرل يونيورسٽي جي شاگردن جو زيادتين خلاف احتجاج

شاگردن وي سي ۽ يونيورسٽي جي سيڪورٽي انچارج جي زيادتين خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ سان گڏ زيادتيون پيون ٿين پرامن احتجاج تي دهشتگردي جا ڪيس داخل ٿين ٿا: شاگرد اڳواڻ

سيڪورٽي انچارج قانون جي ابتڙ رکيو ويو، جيڪو شاگردن تي ظلم ڪري ٿو، وي سي ۽ سيڪورٽي انچارج هٽايو

نوابشاهه (رپورٽر) شهيد بينظير ڀٽو جنرل يونيورسٽي جي شاگردن جو وي سي ۽ يونيورسٽي جي سيڪورٽي انچارج جي زيادتين خلاف /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

### وڳڻ مان اغوا ٿيل ناري عدالت ۾ پيش، پيءُ حوالي

بابره سولنگي راڄوٽي ذريعي هٿ ڪري عدالت ۾ پيش ڪئي وئي

عورت بيان بعد پيءُ حوالي ڪئي وئي، گرفتار شهري کي ڇڏيو ويو

وڳڻ (رپورٽر) وڳڻ مان اغوا ٿيل شادي شده عورت بابره سولنگي راڄوٽي ذريعي سکر واري علائقي مان هٿ پوليس پاران ڪورٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 33



وڳڻ: اغوا ٿيل ناري بابره کي عدالت ۾ پيش ڪيو پيو وڃي

### باقراڻي ويجهو نوجوان گم، پيءُ پاران مدد جي اپيل

ڪنهن سان ڪا به دشمني ناهي خبر ناهي ته پاڻ ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ هوندو

گم ٿيل پٽ جي ڳولا ۾ مدد ڪري ڇانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي: مظاهرين

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

## ٽرجي سونهن مور پکين ۾ پکڙيل بيماري تي ضابطو نه آيو، 10 موري مري ويا

ڳوٺ ٽسينگڙي ۾ 10 موري مري ويا مورن ۾ بيماري سون جي تعداد ۾ مور مرڻ لڳا

ڪافي سارا مور بيمار، وائيلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ پاران متاثر ڳوٺن ۾ ڪائي ٽيم نه پهتي

مور مرڻ وارن متاثر ڳوٺن ڏانهن ڊيمون موڪلي انهن جي ڪاڏي لاءِ گورنمينٽ جوڳا اپاءَ وٺي: رهواسي

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) ٽرجي سونهن مور پکين ۾ پکڙيل بيماري تي ضابطو نه آيو اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ ٽسينگڙي ۾ 10 /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

### لاڙڪاڻو: مقتول ميرمحمد عرف دولت چانڊيو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ محمد خان چانڊيو جي رهواسي عاشق علي /ڏسو صفحو 3 بقايا 36



اسلام ڪوٽ: ڳوٺاڻا پکين ۾ بيمارين جي نشاندهي لاءِ هڪ مور پکي صحافين کي ڏيکاري رهيا آهن

### ڪنڊيارو ۾ آل پارٽيز الائنس جي گڏجاڻي، مختلف معاملن تي غور ويچار

شهر ۾ بجليءَ جي اڻ اعلانيل لوڊ شيڊنگ، نادرا جي اڻ نگي رويي، صفائي ستڙائي تي ڳالهايو ويو

گڏجاڻي ۾ لاڳاپيل آفيسرن کي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ لکت ۾ درخواستون ڏيڻ جو فيصلو

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو ۾ آل پارٽيز الائنس جي گڏجاڻي، عبدالستار ابڙو الائنس جو ٽئون چيئرمين ۽ محمد هارون ڪلهوڙو /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

### نصرت ڊويزن مان نڪرندڙ مختلف شاخون بابت آبادگارن لاءِ هدايتون جاري

وارا بندي سبب 10 مئي تائين بند رهنديون: ايگزيڪيوٽو انجنيئر آبپاشي نصرت ڊويزن

شاهپور ڊسٽري ۽ برهون مائنر 5 مئي کان 10 مئي صبح 6 وڳي تائين بند رهندا: ذوالفقار ڪوسو

نوابشاهه (بيورو رپورٽ) ايگزيڪيوٽو انجنيئر آبپاشي نصرت ڊويزن شهيد بينظيرآباد ذوالفقار علي ڪوسو پنهنجي جاري /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

### نواب ولي محمد شهر جي جرجي پاڻي رهواسين لاءِ مٺو زهر بڻجي ويو، آر او پلانٽ خراب

آر او پلانٽ انتظاميا جي مجرماڻي غفلت سبب ڪافي عرصي کان خراب، رهواسي زهريلو پاڻي پيئڻ تي مجبور

سماجي اڳواڻ ميان عمران اٽڙ لکين رپين جي لاڳت سان آر او پلانٽ اسڪول ۾ لڳرايو انتظاميا سنڀالي نه سگهي

نواب ولي محمد (رپورٽر) نواب ولي محمد شهر جي جرجي پاڻي جو ٽي ڊي ايس 19 سو تائين پهچي وڃڻ ڪري پيئڻ جو مٺو پاڻي /ڏسو صفحو 3 بقايا 27





نواب ولي محمد: سماجي اڳواڻ پاران لڳايل آر او پلانٽ خراب هجڻ جو هڪ ڏيک

### سکر: پورهيتن جي حقن لاءِ پيپلز ليبر يونين سنڌ بلوچستان پاران احتجاجي تحريڪ شروع

سنڌ بلوچستان ۾ 2 کان 13 مئي تي آفيسن ۾ ڌرڻن احتجاج جو سلسلو شروع ڪيو آهي: لالا سيف الرحمان

سوئي سدرن گئس جي مئنيجمينٽ مزدورن جي حقن لاءِ ڏنل چارٽر آف ڊيمانڊ منظور ڪرڻ کان انڪاري پئي

مطالبا منظور نه ڪيا ويا ته ڪراچي هيڊ آفيس اڳيان 14 مئي تي پرامن احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو

سکر (بيورو رپورٽ) مزدورن جي حقن لاءِ سوئي سدرن گئس ڪمپني سکر ريجنل آفيس ۾ پيپلز ليبر يونين سنڌ بلوچستان جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي تحريڪ شروع ڪندي علامتي بائيڪاٽ ڪري احتجاجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

## ٻلوري ۾ مختلف علائقن جي ماڻهن پاران جسقم ۾ شموليت ۽ ساگر حنيف ٻرڙي جي سالگرهه تقريب

سياست ئي قومن کي بچائي ٿي، وطن دوست سياست قومن کي ترقي ڏيندي آهي: نواز خان زنئور

جاگيردار، عوام دشمن، وطن فروش ۽ بيڪيٽ پسند سياست قومن کي غلامي ۽ تباهي ڏانهن ڌڪيندي آهي

سنڌو درياهه جي مڪمل بحاليءَ تائين پهچائي ڪامياب ڪنداسين پنجاب کي سنڌو نديءَ جو رخ موڙڻ نه ڏبو

ميرپور ٻٺورو/جهمپير (نمائندن وٽان) جيئي سنڌ قومي پارٽي پاران ميرپور ٻٺوري ۾ قومي پارٽي ۾ شموليت ڪندڙن جي مان ۾ آجياڻو جهمپير ۾ ساگر حنيف /ڏسو صفحو 3 بقايا 20



ميرپور ٻٺورو/جهمپير: جسقم چيئرمين نواز خان زنئور شرڪت ڪندڙن سان گڏ ويٺل آهي

### اصغريه آرگنائيزيشن پاڪستان يونٽ سيٺارجا جون چونڊون، نوان عهديدار چونڊيا ويا

سيٺارجا (رپورٽ: سيد زبير علي شاهه بخاري) /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

### ڊپٽي ڪمشنر آفيس شڪارپور ۾ ميهن جي واڙن جي تعمير حوالي سان گڏجاڻي

شڪارپور (د ر) ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

## گهوٽڪي جي ڏنگڙو واهه سميت مختلف واهن مان مٽي ڪڍڻ لڳا، ٺيڪا پڻ جاري

ڏنگڙو واهه سميت مختلف واهن مان خانگي ماڻهو مٽي ڪٽائي وڪرو ڪرڻ جو ٺيڪو ڪٽي ورتو

ڪجهه ملازم ساڻن ٺهه ٺٻيل پنهنجي نگراني ۾ واهن جا ڪپر ڪٽڻ لڳا، مٽي ٽوڙي واري وڪرو ٿيڻ لڳي

روڪيندڙ مقامي ماڻهن مٿان ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون، ايريگيشن جا اعليٰ عملدار بي خبر بڻيل

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي جي ڏنگڙو واهه سميت مختلف واهن مان خانگي ماڻهو مٽي ڪٽائي وڪرو ڪرڻ جو ٺيڪو ڪٽي ورتو، ڪجهه /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

### لاڙڪاڻي جي رهواسين جو بجلي جي لوڊشيڊنگ خلاف جي ٽي روڊ تي ڌرڻو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي غريب /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

### نوابشاهه جي رهواسي پاران هٿ ۾ زنجير ٻڌي انوکو احتجاج

سالو شاهد علي منهنجي ٻارن کي وٺي ويا هاڻ موٽائين نٿا: ارشاد علي مغيري

مان دربدري واري زندگي گذاري رهيو آهيان منهنجي منهنجي زال ۽ ٻار واپس ڪرائي ڏنا وڃن

نوابشاهه (رپورٽر) رحمان سٽي ڪالوني جي رهواسي ارشاد علي مغيري هٿن ۾ زنجير ٻڌي نوابشاهه پريس ڪلب اڳيان احتجاجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 28



نوابشاهه: رهواسي زال ۽ ٻارن جي واپسي لاءِ هٿن ۾ زنجير ٻڌي انوکو احتجاج ڪندي

### نواب ولي محمد ۾ بدامني، مسجد ٻاهران بيٺل موٽرسائيڪل چوري

نماز پڙهڻ لاءِ ويندڙ ڳوٺاڻي عبدالوحيد بوزدار جي مسجد ٻاهران بيٺل موٽرسائيڪل

ڪامريڊ زاهد چانڊيو جي سوٽ ڪان سندس ڳوٺ ويجهو پڻ موٽرسائيڪل ڦرڻ ٿي وئي

نواب ولي محمد (رپورٽر) نواب ولي محمد ٿاڻي جي حد ۾ بدامني عروج تي پهچي وئي، عام شهري ٽوڙي پوليس اهلڪار ڪان به /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

## ڪرمپور ويجهو ڳوٺاڻن جو ڪوڙي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

چوليائي برادري جي بااثر هٿياربندن نوجوان بهرام علي چوليائي کي بيگناهه قتل ڪيو ويو هو: علي گوهر ۽ ٻيا

هاڻي جوابدار ٻه قتل ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ پنهنجو پلال پاڻ ساڙي اسان تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو

چاهين ٿا ته فريادي ۽ شاهد قتل ڪيس جي پوئواري نه ڪن ته ڪيس ڪمزور ٿئي، نوٽيس وٺو

ڪرمپور (رپورٽر) ڪرمپور لڳ ڳوٺاڻن جو ڪوڙي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج، /ڏسو صفحو 3 بقايا 30



ڪرمپور: نوجوان بهرام علي چوليائي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو وڃي

## لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان سني تحريڪ پاران ڀارتي جارحيت خلاف احتجاج

مودي سرڪار پنهنجي ناڪامي کي لڪائڻ لاءِ پاڪستان خلاف ڪوڙي پروپيگنڊا شروع ڪئي: اڳواڻ

هندوستان طرفان سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪرڻ آبي دهشتگردي آهي، جيڪا برداشت نه ڪئي ويندي

مودي سرڪار کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته پاڪستان پنهنجي دفاعي صلاحيتن کان پوري طرح واقف آهي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پاڪستان سني تحريڪ پاران مودي سرڪار جي پهلگام واقعي جي آڙ ۾ منفي پروپيگنڊا ۽ من گهڙت الزام لڳائي پاڪستان ۽ پاڪ فوج خلاف زهر اوڳاڇڻ خلاف شهر جي گهنٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا 38